# قارون جي هلاڪت
# جو سبب

## شبِ براءت سنتن ڀري اجتماع ۾
## ٿيڻ وارو سُنّتن ڀريو بيان

(اسلامي ڀينرن جي لاءِ)

**18-May-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# قارون جي هلاڪت جو سبب

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## دُرود شريف جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ دلنشين آهي: مَنْ قَرَأَ الْقُرْآنَ وَحَمِدَ الرَّبَّ يعني جنهن قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪئي ۽ رَبّ عَزَّوَجَلَّ جي حمد بيان ڪئي، وَصَلَّى عَلَى النَّبِى وَاسْتَغْفَرَ رَبَّه ۽ پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرُود شريف پڙهي پنهنجي رَبّ عَزَّوَجَلَّ کان بخشش گهري، فَقَدْ طَلَبَ الْخَيْرَ مَكَانَه، تہ يقيناً ان ڀلائي کي پنهنجي جڳهه تان ڳولهي ورتو. (تفسير درمنثورج :٨ص :٦٩٨بيروت)

اُن پر دُرود جن کو کسِ بے کساں کہیں اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

(حدائقِ بخشش،ص۲۰۹)

### شعر جي مختصر وضاحت:

اسان جي آقا و مولي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي الله عَزَّوَجَلَّ جون ڪروڙين رحمتون نازل ٿين جيڪي بي سهارن جا سهارا آهن ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي لکين سلام هجن جيڪي بي خبر جي خبر رکن ٿا.

# قارون جي هلاڪت جو سبب

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: ”نِیَّةُ الْمُؤْمِنِ خَیْرٌ مِّنْ عَمَلِہٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.

(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻہ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندَس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندَس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندَس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندَس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندَس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندَس. جيڪو ڪجهہ ٻڌندَس ان کي سمجهي ڪري ان تي عمل ڪرڻ کان پوءِ ٻين تائين پهچائي ڪري نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪندَس دوران بيان موبائل جي غير ضروري استعمال کان بچندَس، نہ بيان ريڪارڊ ڪندَس نہ ئي ٻئي ڪنهن قسم جي آواز (جو تہ ان جي اجازت ناهي)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# قارون جي هلاڪت جو سبب

## قارون جو انجام

قارون بيحد سهڻو هو، هو بني اسرائيل ۾ ”توراة“ جو وڏو عالم ۽ بي انتها ملنسار ۽ با اخلاق انسان هو، پر بي شمار دولت ايندي ئي هڪدم بدلجي ويو ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو وڏو دشمن ۽ مغرور ٿي ويو ۽ جڏهن زڪوٰة جو حڪم نازل ٿيو ته ان حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي روبرو اهو عهد ڪيو ته هو پنهنجي تمام مال مان هزارئون حصو زڪوٰة ڪيوندو پر جڏهن هن مال جو حساب لڳايو ته هڪ وڏي رقم بڻجي، اهو ڏسي هن تي هڪدم حِرص ۽ بُخل جو ڀوت سوار ٿيو ۽ نه رڳو زڪوٰة جو منڪر ٿيو بلڪ بني اسرائيل وارن کي ورغلائڻ لڳو ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هن بهاني سان توهان جو مال وٺڻ چاهن ٿا، ايستائين جو حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام سان ماڻهن نفرت ڏيارڻ لاءِ هن خبيث گندي ۽ بري چال هلي ته هڪ عورت کي گهڻو مال و دولت ڏئي راضي ڪيو ته اوهان تي بدڪاري جو الزام(Blame) لڳائي، عين ان وقت جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام بيان ڪري رهيا هئا قارون اوهان کي ٽوڪيو ته فلاڻي عورت سان پاڻ بدڪاري ڪئي آهي (معاذ الله عَزَّوَجَلَّ) حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو ته هن عورت کي منهنجي سامهون آڻيو، پوءِ اها عورت گهرائي وئي ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فرمايو: اي عورت! ان الله جو قسم! جنهن بني اسرائيل جي لاءِ درياء چيري ڇڏيو، عافيت ۽ سلامتي سان درياءُ پار ڪرائي فرعون کان نجات ڏني، سچ سچ ٻڌاءِ ته واقعو ڇا آهي؟

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي جلال سبب عورت ڏڪڻ لڳي هن وڏي ميڙ ۾ صاف صاف چيو ته اي الله عَزَّوَجَلَّ جا نبي! مون کي قارون گهڻي دولت ڏئي

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

اوهان تي بهتان لڳائڻ جي لاءِ راضي ڪيو هو، هن وقت حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا ۽ سجده شڪر ادا ڪيو ۽ اها دعا گهري: ياالله عَزَّوَجَلَّ! قارون تي پنهنجو قهر ۽ غضب نازل فرما، پوءِ ماڻهن کي فرمايائون ته جيڪو قارون جو ساٿي آهي اهو قارون سان گڏ بيٺو رهي ۽ جيڪو منهنجو ساٿي آهي اهو قارون کان جدا ٿي وڃي، پوءِ ٻن ماڻهن کان سواءِ سيئي بني اسرائيل وارا قارون کان جدا ٿي ويا. پوءِ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام زمين کي حڪم ڏنو ته اي زمين! تون هن کي پڪڙي وٺ ته هڪدم قارون گوڏن تائين زمين ۾ دٻجي ويو پيهر اوهان زمين کي ساڳيا لفظ چيا ته اهو چيلهه تائين دٻجي ويو اهو ڏسي قارون روئڻ ٻاڏائڻ لڳو ۽ مائٽي ۽ قرابت جو واسطو ڏيڻ لڳو پر اوهان ڪو ڌيان نه ڏنو، ايستائين جو هو بلڪل زمين ۾ دٻجي ويو، ۽ ٻه ماڻهو جيڪي قارون جا ساٿي ٿيا، ماڻهن کي چوڻ لڳا ته حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام قارون کي انهيءَ ڪري زمين ۾ وڌو ته جيئن قارون جو گهر ۽ ان جي خزاني ته پاڻ قبضو ڪري، ته پاڻ الله تعاليٰ کان دعا گهري ته قارون جو گهر ۽ خزانو به زمين ۾ هليو وڃي پوءِ قارون جو گهر جيڪو سون جو هو ۽ ان جو سمورو خزانو زمين ۾ هليو ويو. (تفسير صاوي،پ٢٠، القصص،تحت الآية:٨١، ١٥٤٦/٤ملخصًا )

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سُو نمونے　　مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بُو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تُو نے　　جو آباد تھے وہ محل اب ہیں سُونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے　　یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معلوم ٿيو ته دنيوي خوشحالي(Prosperity)،

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

مال و دولت ۽ سهولتن جي گهڻائي الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي جي نشاني ناهي، جيڪڏهن ائين هجي ها تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ قارون جو تمام وڏو رتبو هجي ها، اهو بہ معلوم ٿيو تہ مال و دولت جي حرص ۾ مبُتلا ٿي انسان پنهنجي آخرت برباد ڪندو آهي ۽ رب عَزَّوَجَلَّ جو ناراضپو حاصل ڪندو آهي آخرڪار عذابِ الٰهي جي ڪري دنيا ۾ ماڻهن جي لاءِ عبرت جو نمونو بڻجي ويندو آهي. ياد رکو! مال و دولت الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ نعمت آهي پر ان نعمت جو صحيح استعمال الله عَزَّوَجَلَّ جي راضپي وارن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ ۽ ان جي زڪوٰة ادا ڪرڻ آهي، ان سان گڏوگڏ حقيقي دولت (تقويٰ، پرهيز گاري، خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي خيرات هر وقت گهرڻ گهرجي، ڇوتہ دولت ۽ حڪومت جو هجڻ فضيلت جو سبب ناهي، فرعون، نمرود ۽ قارون بہ تہ دولت ۽ حڪومت وارا هئا پر انهن جي مال انهن کي ابدي لعنت جو حقدار بڻايو.

بلڪ فضيلت تہ هن ۾ آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ اسان سان راضي ٿئي، تقويٰ ۽ پرهيز گاري ملي وڃي ۽ جيڪڏهن دولت ملي تہ اهڙي جيڪا حضرت سَيدُنا عثمانِ غني ۽ حضرت سَيدُنا عبدالرحمن بن عوف ۽ ٻين صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان وٽ هئي، اهي نيڪ ٻانها ان مال جو حق ادا ڪندا يعني زڪوٰة ڏيندا هئا ۽ زڪوٰة جي علاوه بہ اسلام جي نالي تي خوب صدقو ۽ خيرات ڪندا هئا. الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي مال جي مَحَبَّت جي سبب ان جي وبال کان بچائي ۽ هر سال ان جي زڪوٰة ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ڇاڪاڻ تہ مال جي زڪوٰة ادا ڪرڻ فرض آهي، جڏهن تہ ڪنجوسي ۽ تنگ دلي سان ڪم وٺندي ان کي گڏ ڪري رکڻ ۽ ان جي زڪوٰة ادا نہ ڪرڻ آخرت ۾ پڪڙ ۽ عذابِ الٰهي جو سبب آهي، جيئن سيپاري 4 سوره اٰلِ عمران جي آيت نمبر 180 ۾ ارشاد آهي:

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

وَ لَا يَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ يَبْخَلُوْنَ بِمَآ اٰتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ فَضْلِهٖ هُوَ خَيْرًا لَّهُمْ ؕ بَلْ هُوَ شَرٌّ لَّهُمْ ؕ سَيُطَوَّقُوْنَ مَا بَخِلُوْا بِهٖ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَ لِلّٰهِ مِيْرَاثُ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۱۸۰﴾ (پ۴،اٰل عمرٰن:۱۸۰)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪي بخل ڪندا آهن ان شيءِ ۾ جيڪا الله انهن کي پنهنجي فضل سان ڏني آهي ان کي هرگز ستو نہ سمجهن بلڪ اهو انهن لاءِ بچڙو آهي جنهن ۾ بخل ڪيائين سگهو ئي اهو قيامت جي ڏينهن انهن جي ڳچيءَ جو ڳٽ هوندو، آسمانن ۽ زمين جو وارث الله ئِي آهي ۽ الله کي اوهان جي ڪمن جِي خبر آهي.

سيپاري 10 سُوْرَة التَّوْبہ جي آيت نمبر 35،34 ۾ ا رشاد آهي:

وَ الَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَ الْفِضَّةَ وَ لَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۙ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿۳۴﴾ يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَ جُنُوْبُهُمْ وَ ظُهُوْرُهُمْ ؕ هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ﴿۳۵﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ جيڪي گڏ ڪري رکن ٿا سون چاندي ۽ ان کي الله جي راه ۾ خرچ نہ ٿا ڪن انهن کي خوشخبري ٻُڌاءِ درد ناڪ عذاب جي، جنهن ڏِينهن اُهو تپايو ويندو جهنم جِي باه ۾ پوءِ اُن سان داغ ڏنا ويندا سندن پيشانيُن ۽ پاسن ۽ پُٺيَن کي هِيءُ آهي اُهو جو توهان پنهنجي لاءِ گڏ ڪري رکيو هو، هاڻي چکو مزو اُنهيءَ گڏ ڪرڻ جو.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان تہ جيڪي ماڻهو پنهنجو مال جمع رکن ٿا ۽ ان جي زڪوٰة ادا نٿا ڪن تہ اهي سياڻي قيامت جي ڏينهن ڪيتري قدر ذِلّت وخواري ۽ دردناڪ عذاب ۾ گرفتار ٿيندا. ياد رکو! جهڙي طرح زڪوٰة ادا ڪرڻ اِنسان جي پنهنجي ذات جي لاءِ مُفيد آهي، اهڙي طرح ڪنجوسي سان ڪم وٺڻ بہ پنهنجي ئي ذات جي لاءِ نقصان جو سبب آهي.

## قارون جي هلاڪت جو سبب

جيڪي ماڻهو پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا ڪن ٿا ۽ دل کولي صَدَقو ۽ خَيرات ڪن ٿا ته ان باوُجُود انهن جي مال ۾ حيرت انگيز طور تي ڏينهون ڏينهن تمام گهڻي ترقّي ۽ برڪت ايندي رهندي آهي جڏهن ته ڪنجُوس جو حال هي هوندو آهي ته گهڻي مال ۽ دولت جي باوُجُود حرص ۽ لالچ جي سبب ان کي پنهنجو مال گهٽ لڳندو آهي جنهن جي ڪري هو صَدَقاتِ واجِبہ ۽ نافِلہ جي ادائيگي ڪرڻ، نيڪي جي ڪمن ۾ خَرچ ڪرڻ ۽ مَخلوقِ خدا جي مدد ڪرڻ کان سڄي زندگي ڪيٻائيندو رهندو آهي ته متان منهنجي مال ۾ گهٽتائي نه ٿي وڃي. نيٺ هڪ ڏينهن مَوت جو فرشتو ان وٽ ايندو آهي ۽ ان جي مَوت کان پوءِ ان جو سمورو مال ان جي وارثن وٽ هليو ويندو آهي. اچو هن باري ۾ هڪ عِبرتناڪ حِڪايت ٻڌون ٿا،

### ڪنجوسي جو انجام

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 412 صفحن تي مشتمل ڪتاب **عُيونُ الحڪايات** حصو پهريون صفحي 74 تي آهي: حضرت سيِّدنا يزيد بن ميسره رَحۡمَةُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا ته اسان کان پهرين امتن ۾ هڪ شخص هو، جنهن تمام گهڻو مال ۽ دولت جمع ڪري رکيو هو ۽ ان جو اولاد به گهڻو هو، قِسم قِسم جون نعمتون ان کي حاصل هيون، گهڻي مال هئڻ جي باوجود به هو انتهائي ڪنجوس هو، اللّٰه تعاليٰ جي راهه ۾ ڪجهه به خرچ نه ڪندو هو، هر وقت انهيءَ ڪوشش ۾ رهندو هو ته ڪهڙي نموني منهنجي دولت ۾ اِضَافو ٿي وڃي. جڏهن هو تمام گهڻو مال گڏ ڪري چڪو ته پنهنجو پاڻ کي چيائين: هاڻي ته آئون خوب عيش ۽ عشرت سان زندگي گذاريندس، بهرحال هو پنهنجي گهروارن سان تمام عيش ۽ عشرت سان رهڻ لڳو، ڪيترائي خُدّام (نوڪر چاڪر) ان جي خدمت ۾ هٿ ٻڌي حاضر رهندا

## قارون جي هلاڪت جو سبب

هئا، آخرڪار! هو ان دنياوي نعمتن ۾ ايترو تہ مست ٿي ويو جو پنهنجي موت کي بلڪل وساري ڇڏيائين. هڪ ڏينهن مَلَڪُ الْمَوت حضرت سَيِّدُنا عِزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام هڪ فقير جي صورت ۾ ان جي گهر آيا ۽ دروازي تي دستڪ ڏنائون، غلام يڪدم دروازي جي طرف وڌيا ۽ جيئن ئي دروازو کوليائون تہ سامهون هڪ فقير (Beggar) ڏٺائون، ان کان پڇيو: تون هتي ڇا جي لاءِ آيو آهين؟ مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام جن جواب ڏنو: وڃو، پنهنجي مالڪ کي ٻاهر موڪليو، مونکي ان سان ڪم آهي. خادمن ڪوڙ ڳالهائيندي چيو: اهي تہ توهان جهڙي ئي ڪنهن فقير جي مدد جي لاءِ ٻاهر ويا آهن. حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام جن ڪجھ دير کان پوءِ ٻيهر دروازي تي دستڪ ڏنائون، غلام ٻاهر آيو تہ ان کي چيائون: وڃ! پنهنجي آقا کي چئو: آئون مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام آهيان. جڏهن هن مالدار شخص هي ڳالھ ٻڌي تہ تمام خوفزده ٿي ويو ۽ پنهنجي غلامن کي چيائين: هن سان وڏي نرمي سان ڳالهايو. خادم ٻاهر آيا ۽ حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام کي چوڻ لڳا: توهان اسان جي آقا جي بدلي ڪنهن ٻي جو روح قبض ڪري وٺو ۽ انهن کي ڇڏي ڏيو، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ توهان کي برڪتون عطا فرمائي. حضرت سَيِّدُنا مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام جن فرمايو: ايئن هرگز نٿو ٿي سگهي. پوءِ مَلَڪُ الْمَوت عَلَيْهِ السَّلَام اندر تشريف کڻي ويا ۽ هن مالدار شخص کي چيائون: توکي جيڪا وصيّت ڪرڻي هجي ڪري وٺ، آئون تنهنجي روح قبض ڪرڻ کان بغير هتان نہ ويندس.

اهو ٻڌي تمام گهروارا رڙيون ڪرڻ لڳا ۽ روئڻ شروع ڪري ڇڏيائون، هن شخص پنهنجي گهر وارن ۽ غلامن کي چيو: سَون ۽ چانديءَ سان ڀريل صندوق ۽ پيٽيون کولي ڇڏيو ۽ منهنجي سموري دولت منهنجي سامهون آڻيو، يڪدم حڪم کي پورو ڪيو ويو ۽ سڄو خزانو ان جي اڳيان رکيو

## قارون جي هلاڪت جو سبب

ويو. اهو شخص سَون ۽ چانديءَ جي ڍير وٽ آيو ۽ چوڻ لڳو: اي ذليل ۽ بدترين مال! تو تي لعنت هجي توئي مون کي پروردگار عَزَّ وَجَلَّ جي ذڪر کان غافل رکيو، توئي مون کي آخرت جي تياري کان روڪي رکيو. هي ٻڌي اهو مال ان کي چوڻ لڳو: تون مون کي بُرو ڀلو نه چئو، ڇا تون اهو ئي نه آهين جيڪو دنيا وارن جي نظر ۾ حقير هئين؟ منهنجي ڪري تنهنجي عزت وڌي، منهنجي ئي ڪري تنهنجي پهچ بادشاهن جي درٻار تائين ٿي، نه ته غريب ۽ نيڪ ماڻهو انهن تائين پهچي ئي نٿا سگهن، منهنجي ئي ڪري تنهنجو نڪاح شهزادين ۽ امير زادين سان ٿيو، نه ته غريب ماڻهو انهن سان ڪٿي شادي ڪري سگهن ٿا. هاڻي اها ته تنهنجي بدبختي آهي جو تو مون کي شيطاني ڪمن ۾ خرچ ڪيو، جيڪڏهن تون مون کي الله عَزَّ وَجَلَّ جي ڪمن ۾ خرچ ڪرين ها ته هي ذلت ۽ خواري تنهنجو مقدر نه ٿئجي ها، ڇا مون توکي چيو هو ته تون مونکي نيڪ ڪمن ۾ خرچ نه ڪر؟ اڄ جي ڏينهن آئون نه بلڪ تون وڌيڪ مَلَامَتَ ۽ لعنت جو مُسْتَحِق آهين.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! يقينًا هي زندگي جتي هڪ بهترين نعمت آهي، اُتي الله عَزَّوَجَلَّ جي طرف کان اسان جي لاءِ نيڪيون ڪمائڻ ۽ آخرت ناهڻ جي زبردست مهلت به آهي، ان لاءِ جيترا اسان جا ڏينهن باقي بچيا آهن ان کي غنيمت سمجهندي جنهن جي ذِمّي جيتري زڪوٰة ٿئجي ٿي پر مال ۽ دولت سان اجائي محبت يا رڳو سُستي يا دِين کان دُوري جي ڪري لاعلمي ۽ جهالت جي ڪري اجا تائين ادا ناهي ڪئي، ڀريان ته ان سبب هڪدم الله عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سچي دل سان توبه ۽ پوءِ عُلماءِ اهلِ سنت سان رجوع ڪري ان جو

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

حساب لڳائي ۽ تمام زڪوٰة ادا ڪري. حقيقت هي آهي ته اسان جي نازڪ ۽ ڪمزور جسمن ۾ آخرت جو دردناڪ عذاب سهڻ جي هرگز طاقت نه آهي.

مجھے مال و دولت کی آفت نے گھیرا
بچا یا اِلٰہی بچا یا اِلٰہی
نہ دے جاہ و حشمت نہ دولت کی کثرت
گدائے مدینہ بنا یا اِلٰہی

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! زڪوٰة ڇا کي چيو ويندو آهي ان جي وصف ٻڌون ٿا.

### زڪوٰة مان ڇا مراد آهي؟ Definition of zakat

زڪوٰة شريعت جي طرفان مقرر ڪيل ان مال کي چون ٿا، جنهن مان هر طرح کان پنهنجو نفعو ختم ڪرڻ کان پوءِ رضاءِ اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ڪنهن اهڙي مسلمان فقير جي ملڪيت ۾ ڏنو وڃي (يعني مالڪ بڻايو وڃي) جيڪو نه ته پاڻ هاشمي هجي ۽ نه ئي ڪنهن هاشمي جو آزاد ڪيل غلام هجي.
(الدرالمختار،کتاب الزکوٰة، ج۳، ص۲۰۶،۲۰۴ ملخصاً)

### زڪوٰة کي زڪوٰة چوڻ جو سبب

زڪوٰة جي لُغوي معنيٰ طهارت، اضافو ۽ برڪت آهي. جيئن ته زڪوٰة باقي مال جي لاءِ طهارت ۽ اضافي جو سبب بڻجندي آهي، ان ڪري ان کي زڪوٰة چيو ويندو آهي. (الدرالمختاروردالمحتار،کتاب الزکوٰة،ج۳، ص۲۰۳ملخصاً، فيضانِ زکوٰة )

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! الله عَزَّوَجَلَّ مالدارن تي زڪوٰة فرض ڪئي ته جيئن اهي پنهنجي زڪوٰة جي ذريعي مُعَاشري جي ڪمزور ۽ نادار طبقي جي مدد ڪن ۽ دولت ڪجهه ماڻهن جي مُٺين ۾ قيد ٿيڻ جي بدران غريب ماڻهن تائين به پهچندي رهي ۽ اهڙي طرح مُعَاشري ۾ معاشي توازُن جي فَضا قائم رهي. جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ چاهي ها ته سيني کي دولت مند بڻائي ڇڏي ها ۽ ڪو شخص غريب نه هجي ها، پر ان پنهنجي مَشِيت سان ڪنهن کي اَمِير بڻايو ته ڪنهن کي غريب ته جيئن اَمِير کي ان جي دولت ۽ غريب کي ان جي غُربت (Poverty) جي ڪري آزمائي، ڇاڪاڻ ته هي دُنيا دارُالامتحان (يعني آزمائش جو گهر) آهي. اسان کي هر حڪمِ خداوندي کي پنهنجي لاءِ سَعَادَت سمجهندي خوش دِلي سان لبيڪ چوڻ گهرجي ۽ پنهنجي آخرت جي لاءِ اَجرو ثَوَاب جو ذَخِيرَو گڏ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪو شرعي حڪم تي عمل ڪڻ ۾ سُستي ڪري ۽ پنهنجي مال جي زڪوٰة ادا نه ڪري ته ان کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪيئي نُقصانن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. اچو! **زڪوٰة نه ڏيڻ جا ڪجهه نُقصان** بڌون ٿا:

### زڪوٰة نه ڏيڻ جا نقصان

- زڪوٰة جي ادائيگي نه ڪرڻ واري کي **اهي فائدا نه ملي سگهندا جيڪي** ان کي زڪوٰة جي ادائيگي جي صورت ۾ ملي سگهندا هئا.

### بخل کان ڇوٽڪارو ناهي ملندو

- زڪوٰة نه ڏيڻ واري شخص کي مال جي مَحَبَّت ۽ ڪنجوسي جهڙي بُري صفت کان **ڪڏهن ڇوٽڪارو ناهي ملندو**. ياد رکو! جنهن مال جي لاءِ اڄ اسان طرح طرح جون تڪليفون ۽ ڏک برداشت ڪريون ٿا ۽ ان کي حفاظت سان رکون ٿا، جيڪڏهن زڪوٰة جي صورت ۾ اسان ان جو حق ادا

## قارون جي هلاڪت جو سبب

نہ ڪيو تہ اهو ئي مال اسان جي لاءِ وبالِ جان بڻجي ويندو ۽ اسان کي دنيا ۽ آخرت جي عذاب کان نہ بچائيندو.

دولتِ دُنیا کے پیچھے تُو نہ جا　　آخرت میں مال کا ہے کام کیا

مالِ دُنیا دو جہاں میں ہے وبال　　کام آئے گا نہ پیشِ ذُوالْجَلَال

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ بخيل انسان مال جي لالچ جي ڪري پنهنجي جان جي بہ پروا ناهي ڪندو. تنهنڪري اسان کي پنهنجي دنيا ۽ آخرت بهتر بنائڻ جي لاءِ احڪامِ خُداوندي جي بجا آوري ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنجوسي جي عادت ختم ڪرڻ جي لاءِ هر سال مستحق مسلمانن کي نہ صرف زڪوٰة ڏيڻ گهرجي بلڪ سڄي سال ۾ بہ سخاوت ڪندي انهن جي مالي مدد ڪرڻ گهرجي.

رَسُولُ الله صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سخاوت الله عَزَّوَجَلَّ جي عطا سان آهي، سخاوت ڪريو الله عَزَّوَجَلَّ توهان کي وڌيڪ عطا ڪندو ٻڌو! الله عَزَّوَجَلَّ سخاوت کي پيدا فرمائي هڪ مرد جي صورت عطا فرمائي ۽ ان جي پاڙ کي طُوبيٰ (جنّتي) وڻ جي پاڙ ۾ راسخ ڪري ڇڏيو ۽ ٽارين کي سِدرَة المُنتَهيٰ جي ٽارين سان مضبوط ڪري ڇڏيو ۽ ان جي ڪجھ شاخن کي دنيا ڏانهن جُهڪائي ڇڏيو تہ جيڪو شخص ان جي هڪ ئي ٽاري پڪڙي وٺي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي جنت ۾ داخل فرمائيندو آهي، ٻُڌو! بيشڪ سخاوت ايمان ئي مان آهي ۽ ايمان جنت ۾ آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ بُخل کي پنهنجي غضب مان پيدا فرمايو ۽ ان جي پاڙ کي شجرِ زَقّوم (جهنم جي ڪنڊيدار وڻ) جي پاڙ ۾ مضبوط ڪيو آهي، ان جون ڪجھ شاخون زمين ڏانهن جهڪيل آهن، تہ جيڪو شخص ان جي

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

ڪنهن ٻه ٽاري ڪي پڪڙيندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان ڪي جهنم ۾ داخل ڪندو آهي
ٻڌو! بخل ناشڪري آهي ۽ ناشڪري جهنم ۾ داخلي جو سبب آهي. (ضيائے صدقات ص ۱۰۷) الله عَزَّوَجَلَّ اسان ڪي بُخل کان نجات ڏئي سخاوت جي نعمت عطا فرمائي.
اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

عطا ہو الٰہی سخاوت کا جذبہ
کنجوسی کروں نہ کبھی یا الٰہی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### مال برباد ٿي ويندو آهي

◈ جنهن مال جي زڪوٰة ادا نه ڪئي ويجي، اهو مال برباد ٿي ويندو آهي. اڄ اسان مُعاشري ۾ نظر ڦيرايون ته شايد وڏا وڏا ڪاروباري، وڏين وڏين فيڪٽرين جي مالڪان جي باري ۾ ٻڌا هوندو ته اهي اوچتو ڏيواليه جو شڪار ٿي قرض جي بوجهه هيٺ دٻجي چڪا آهن، هي اهي آهن جيڪي ڪل تائين ته وڏي **عيش و عشرت** سان غفلت جي گهري ننڊ ۾ سمهي پنهنجي زِندگي گذاري رهيا هئا، جنهن وٽ **سوين ملازم** ڪم ڪندا هئا، ڪم ڪار جي لاءِ **نوڪر چاڪر گهڻا** هئا، پر اڄ ڇا آهي جو اهو سڀ ڪجهه لُٽجي چڪو آهي، ڪٿي ائين ته ناهي جو اهي پاڻ انهن جي هٿن جو ڪمايل هجي جو ان ڪاروبار ۾ وياج (Interest) جو پيسو شامل هجي، يا پوءِ اهي ماڻهو هر سال پنهنجي **مال جي زڪوٰة** ئي نه ڏيندا هجن ۽ دنيا ۾ هي ان جي سزا ملي رهي هجي، پر **ياد رکو**! جيڪڏهن اسان ڪنهن اهڙي شخص کي سڃاڻون ٿا، جيڪو اڳ ۾ وڏو مالدار هو پر هاڻي غريب ۽ نادار آهي ۽ اسان کي وسوسو اچي ته ان شخص کي هي جيڪا سزا ملي

www.dawateislami.net

رهي آهي، هي انهيءَ جو نتيجو آهي جو هي الله عَزَّ وَجَلَّ جي راهه ۾ مال خرچ نہ ڪندو هو، هي زڪوٰة نہ ڏيندو هو، هي غريبن جي مدد ڪرڻ بدران انهن کي ڌڪا ڏيندو هو، ان جي ڪري هي ان آزمائش ۾ مبتلا آهي. ڪنهن بہ مسلمان جي باري ۾ اهڙي طرح جي سوچ رکڻ جي اسان جي شريعت اسان کي اجازت نٿي ڏئي. اسان کي خبر ناهي تہ ڇا معاملو آهي؟الله تبارڪ وتعاليٰ اسان کي **حُسنِ ظن** جي لازوال دولت سان مالا مال فرمائي. اٰمين

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**حديث پاڪ** ۾ آهي: خشڪي ۽ پاڻي ۾ جيڪو مال ضائع ٿيو آهي اهو زڪوٰة نہ ڏيڻ جي ڪري ضايع ٿيو آهي. (مجمع الزوائد،ڪتاب الزڪوٰة، باب فرض الزڪوٰة، الحديث ۴۳۳۵، ج ۳، ص ۲۰۰) هڪ هنڌ تي پياري آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشادِ پاڪ آهي: زڪوٰة جو مال جنهن ۾ مليو هوندو ان کي تباهه ۽ برباد ڪندو. (شعب الايمان،باب في الزڪوٰة، الحديث ۳۵۲۲، ۳/ ۲۷۳)

مُفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: مال ۾ زڪوٰة مخلوط (Mix) ٿيڻ جون بہ صورتون آهن: هڪ هي تہ صاحبِ نصاب جنهن تي پڻ زڪوٰة فرض هجي، هو فقير بڻجي ماڻهن کان زڪوٰة وٺي ۽ پنهنجي مال ۾ ملائي ڪري وڌائي. ٻيو هي تہ ماڻهو زڪوٰة نہ ڪڍي جيڪو مال زڪوٰة ۾ ڏيڻ گهرجي ها هو پنهنجي مال ئي ۾ رکي. (مال برباد ٿيڻ جي هڪ صورت بيان ڪن ٿا) تہ زڪوٰة جي مخلوط ٿيڻ جي ڪري سڄي مال جي برڪت متجي وڃي ۽ ڪجهہ ڏينهن ۾ مال ختم ٿي وڃي يا ڪا اوچتي آفت اچي، جنهن سان سمورو مال برباد ٿي وڃي، جيئن بيماري، مقدمو، چوري، ڌاڙو يا حرق و غرق يعني سَڙڻ، ٻُڏڻ. (مرآة المناجيح ۳/۲۳)

www.dawateislami.net

# قارون جي هلاڪت جو سبب

## زڪوٰة نہ ڏيڻ سان اجتماعي نقصان ٿئي ٿو

◈ زڪوٰة نہ ڏيڻ وارن کي **اجتماعي نقصان** ٿي سگهي ٿو، اڄ اسان غور ڪريون تہ اجتماعي طور تي ڪيئي مسئلن جو شڪار آهيون، مهانگائي آهي تہ ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، بي روزگاري عام ٿي چڪي آهي، گرمي جي شدّت بہ عروج تي آهي، پاڻي جي قلّت جي سبب سخت پريشاني آهي، اسان جنهن مسئلن جو شڪار آهيون ممڪن آهي تہ ان جو هڪ سبب مسلمانن جو زڪوٰة ادانہ ڪرڻ بہ هجي جيئن تہ

نبي ڪريم، رؤف و رحيم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪا قوم زڪوٰة نہ ڏيندي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي ڏڪار ۾ مبتلا فرمائيندو. (المعجم الاوسط، الحديث ۴۵۷۷، ج ۳، ص ۲۷۵) هڪ ٻي هنڌ تي فرمايائون: " جڏهن ماڻهو زڪوٰة جي ادائيگي ڇڏي ڏيندا آهن تہ الله عَزَّوَجَلَّ برسات کي روڪي ڇڏيندو آهي جيڪڏهن زمين تي چوپايو مال موجود نہ هجي تہ آسمان تان پاڻي جو هڪ قطرہ بہ نہ ڪري ها.
(سنن ابن ماجه ،كتاب الفتن،باب العقوبات، الحديث۴۰۱۹، ج۴، ص۳۶۷)

## مرڻ کان پوءِ بہ عذاب ۾ مبتلا ٿيندو آهي

◈ زڪوٰة نہ ڏيڻ واري کي نہ صرف دنيا ۾ مُشڪلاتن ۽ مصيبتن کي برداشت ڪرڻو پوندو بلڪ مرڻ کان پوءِ بہ دردناڪ عذاب جي صُورت ۾ ان جي سزا سَهڻي پوندي جيئن تہ سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: "جنهن پنهنجي پويان ڪنز ڇڏيو (ڪنز اهڙي خزاني کي چون ٿا جنهن جي زڪوٰة ادا نہ ڪئي وئي هجي) ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ **گنجي نانگ** ۾ بدليو ويندو، ان جي اکين تي 2 ڪارا نشان هوندا، هو ان شخص جي پنيان ڊوڙندو، هو شخص پڇندو، "تون ڪير آهين؟" نانگ چوندو،"مان تنهنجو هو خزانو آهيان جنهن کي

## قارون جي هلاڪت جو سبب

تون پنهنجي پويان ڇڏي آيو هئين." پوءِ هو نانگ ان جو پيڇو ڪندو رهندو، ايستائين جو ان جو هٿ چٻاڙي وجهندو، پوءِ ان کي ڏنگيندو ۽ ان جو سڄو جسم چٻاڙي وجهندو. (المستدرڪ،ڪتاب الزڪاة،باب التغليظ في منع الزڪاة،الحديث:۱۴۷۴،ج۲، ص۶، بدون"من أنت"خلقت بدله"ترڪته بعدڪ" )

گر کفن پھاڑ کے سانپوں نے جمایا قبضہ
ہائے بربادی!کہاں جا کے چُھپوں گا یا ربّ
ہائےِ!معمولی سی گرمی بھی سہی جاتی نہیں
گرمیِ حشر میں پھر کیسے سہوں گا یا ربّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منهنجا آقا، اعليٰ حضرت امامِ اهلسُنّت مولانا شاھ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن قُرآن وحديث ۾ بيان ڪيل عذابن جو نقشو چٽيندي فرمائن ٿا ته ”خلاصو هي آهي ته جنهن سَون چاندي جي زڪوٰة نه ڏني وجي، قيامت جي ڏينهن جهنّم جي باھ ۾ تپائي ڪري ان سان سندن پيشانين، پاسن ۽ پٺين تي داغ لڳايا ويندا، انهن جي مٿي ۽ ڇاتي تي جهنم جو گرم پٿر رکندا ته ڇاتي ٽوڙي ڪري ڪلهي ڪان نڪري ويندو ۽ ڪلهي جي هڏيءَ تي رکندا ته هڏا ٽوڙيندو سيني ڪان نڪري ايندو، پُٺي ٽوڙي پاسن ڪان نڪري ويندو، ڪياڙي ٽوڙي پيشانيءَ ڪان نڪري ايندو، جنهن مال جي زڪوٰة نه ڏني ويندي قيامت جي ڏينهن پراڻو خونخوار ازدها (وڏو نانگ) بڻجي ڪري ان جي پويان ڊوڙيندو، هي هٿ سان روڪيندو ته هو هٿ چٻاڙي وٺندو، پوءِ ڳچيءَ ۾ ڳٽ بڻجي پوندو، ان جو وات پنهنجي وات ۾ وجهي چٻاڙيندو ته مان آهيان تنهنجو مال مان آهيان تنهنجو خزانو، پوءِ ان جو سمورو جسم چٻاڙي ڇڏيندو. والعِياذ بالله ربُّ العٰلمين (فتاوٰي رضويه ،ج۱۰ص ۱۵۳)

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه زڪوٰة نہ ڏيڻ وارن کي قيامت جي عذاب کان ڊيڄاري، سمجهائيندي فرمائن ٿا تہ " اي عزيز! ڇا خدا (عَزَّوَجَلَّ) ۽ رسول (صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي فرمان کي ايئن ئي مذاق مسخري سجهين ٿو؟ يا (قيامت جي هڪ ڏينهن) پنجاهہ هزار ورهين جي عرصي ۾ هي ساهہ سڪائيندڙ مصيبتون سهڻ آسان ڄاڻين ٿو؟ ٿورو هتان جي باهہ ۾ هڪ اڌ روپيو (ننڍڙو سڪو) گرم ڪري جسم تي رکي ڏس، پوءِ ڪٿي هيءَ هلڪي گرمي، ڪٿي اها قهر (واري) باهہ، ڪٿي هي صرف هڪ روپيو، ڪٿي اهو سڄي عمر جو گڏ ڪيل مال ڪٿي هيءَ هڪڙي منٽ جي دير، ڪٿي اها هزار سال ڏينهن جي آفت، ڪٿي هي معمولي داغ، ڪٿي اهو هڏا ٽوڙي ڪري آرپار ٽيڻ وارو غضب. الله تعالٰي مسلمانن کي هدايت بخشي۔ (اَيضاً ص١٧٥)

**شيخ طريقت،** امير اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **اُمّتِ مُسلمہ کي گناهن جي عذابن کان ڊيڄائيندي، مال جي بي جا محبت** کان نفرت ڏياريندي **نصيحتن سان مالامال** مدني گل عطا ڪندي اِرشاد فرمائن ٿا:

گر عذابوں کو دیکھو گے جاؤ گے ڈر تم بتاؤ کہاں جاؤ گے بھاگ کر
جو دُکانیں خِیانت سے چمکائیں گے! کیا اُنھیں زَر کے اَنبار کام آئیں گے
قہرِ قہّار سے کیا بچا پائیں گے؟ جی نہیں،نارِدوزخ میں لے جائیں گے
مالِ دنیا ہے دونوں جہاں میں وبال آئے گا قَبر میں ساتھ ہرگز نہ مال
حشر میں ذرّے ذرّے کا ہوگا سُوال آپ دولت کی کثرت کا چھوڑیں خیال
غافلو!قبر میں جس گھڑی جاؤ گے سانپ بچھّو جو دیکھو گے چِلّاؤ گے
سر پچھاڑو گے پر کچھ نہ کر پاؤ گے بے حد اپنے گناہوں پہ پچھتاؤ گے

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

## زڪوٰة ڏيڻ جا فائدا

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! ٻڌو اوهان ته زڪوٰة نه ڏيڻ وارن کي دنيا ۽ آخرت ۾ ڪهڙا ڪهڙا نقصان تي سگهن ٿا، ان ڪري اسان کي گهرجي ته ڪنهن به شرعي حڪم جي ادائيگي ۾ بلڪل سُستي نه ڪيون بلڪ هي ذهن هجي ته ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي هر ڪم ۾ ڪا نه ڪا حڪمت ضرور پوشيده هوندي آهي، هو پنهنجي ٻانهن تي بيحد مهربان آهي، ان جي هر حڪم ۾ اسان جي لاءِ ڀلائي ئي هوندي آهي. تنهنڪري اسان کي به ٻانهپ جو حق ادا ڪندي ان جي هر حڪم تي لبيڪ چئي ان جي بجا آوري ڪرڻ گهرجي، مثال طور الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو آهي ته اسان کي نماز جو وقت ٿيندي ئي سيئي ڪم ڪار ڇڏي نماز پڙهڻ گهرجي، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي رَمَضانُ المبارڪ جا روزا رکڻ جو حڪم ڏنو آهي ته اسان کي پابندي سان سڄي رمضانُ المبارڪ جا روزا رکڻ گهرجن، الله رَبُّ العزت اسان کي پنهنجي اهل وعيال (Family) ۽ ٻين مسلمانن جي حقن جو خيال رکڻ جو حڪم ڏنو آهي ته اسان کي ٻانهن جي حقن جو خيال به رکڻو پوندو، الله عَزَّوَجَلَّ والدين سان ڀلائي جو حڪم ارشاد فرمايو آهي ته اسان کي پنهنجي ماءُ پيءُ سان حُسنِ سُلُوڪ سان پيش اچڻ گهرجي. اهڙي طرح الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي مال ۽ دولت عطا فرمائي ۽ ان جي زڪوٰة ادا ڪرڻ جو حڪم ارشاد فرمايو ته اسان کي خوش دِلي سان هر سال پنهنجي مال جي زڪوٰة به ڏيڻ گهرجي.

**هتي هڪ ڳالهه** اها به ذهن نشين ڪريو، عوامي طور تي هي مشهور آهي ته زڪوٰة ته صرف رمضان ۾ ئي ادا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته هن مبارڪ مهيني ۾ جهڙي طرح ٻين نيڪين جو ثواب وڌي ويندو آهي، اهڙي طرح راهِ خدا ۾ **مال خرچ ڪرڻ جو اجر ۽ ثواب** به وڌي ويندو آهي، هن ۾ ڪو شڪ

ناهي، پر **اي عاشقانِ رمضان!** هي ضروري ناهي تہ صِرف رمضان جي مهيني ۾ ئي زڪوٰة ڏيڻي پوندي آهي، بلڪ جنهن تي زڪوٰة فرض آهي ان کي معلوم هئڻ گهرجي تہ مون تي زڪوٰة فرض هئڻ جي ڪهڙي اسلامي تاريخ ۽ ڪهڙو اسلامي مهينو آهي، جيڪڏهن ان جي باري ۾ علم نہ آهي تہ ياد رکو! **جنهن تي زڪوٰة فرض آهي**، ان کي زڪوٰة بابت ضروري مسئلا سکڻ پڻ فرض آهن، جيڪڏهن نہ سکندو تہ گناهگار ٿيندو. ڪيتري ائين نہ ٿئي جو وڌيڪ ثواب جي اِنتظار ۾ اسان زڪوٰة جي ادائيگي ۾ دير ڪري الله ۽ رسول عَزَّوَجَلَّ و صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نافرماني ڪري رهيا هجون. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي قدم قدم تي اسان جي رهنمائي ڪندي آهي، اسان ۾ علمِ دِين سکڻ جو جذبو هئڻ گهرجي، سچي لگن هئڻ گهرجي، موجوده دَور ۾ علمِ دِين حاصل ڪرڻ جا ڪيئي ذريعا دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان نهايت آساني سان مُيسر آهن، هاڻي شايد ڪو عُذر پيش نہ ڪري سگهي تہ مان تہ علمِ دِين کان ان ڪري پري هئس جو مون کي خبر نہ هئي.

الله عَزَّوَجَلَّ جي احڪامن تي عمل ڪرڻ ۽ جن ڪمن کان ان منع ڪيو آهي، انهن کان بچڻ ۽ نيڪين تي استقامت جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، ان جي برڪت سان دِين و دُنيا جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!　　　　صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پنهنجي مال جي زڪوٰة مُستَحِق تائين خوش دِلي سان پهچائڻ گهرجي، جيڪڏهن زڪوٰة جا حقدار اسان جا قريبي رشتيدار(Relatives) هجن تہ انهن کي ڏيڻ وڌيڪ اجر و ثواب جو سبب آهي، چاڪاڻ تہ انهن کي ڏيڻ سان ٻيڻو ثواب ملندو آهي، جيئن

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

نبي ڪريم، رؤفٌ رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: "عام مسڪين تي صدقو ڪرڻ هڪ صدقو آهي ۽ اهو ئي صدقو پنهنجي عزيز تي ٻه (2) صدقا آهن هڪ صدقو، ٻيو صِلہ رحمي. (سنن الترمذي،كتاب الزكاة، باب ما جاء في الصدقة علي ذي قرابة، الحديث:٦٥٨، ج١، ص٤٧٤)

پنهنجن رشتيدارن مان اهڙن غريب ۽ مُستَحِق ماڻهن کي ڳولهيو جيڪي پنهنجي خودداري جي ڪري ڪنهن کان سوال نہ ڪندا آهن. اهڙن ماڻهن کي نہ صرف سال تي زڪوٰة ڏيڻ گهرجي بلڪ تي سگهي تہ وقتا فوقتاً پنهنجي **ماهوار آمدني مان** ڪجهہ نہ ڪجهہ مدد بہ ڪرڻ گهرجي. ياد رکو! انهن جي مالي مدد ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي واہ واہ ڪرائڻ جي لاءِ ماڻهن تي ان کي ظاهر نہ ڪيو وجي بلڪ رِضاءِ الٰهي جي خاطر آخرت ۾ ثواب جي اُميد سان الله عَزَّ وَجَلَّ جي راہ ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ سيپارو 3 سُورَہ بَقَرہ آيت نمبر264 ۾ ڪنهن کي صدقو ۽ خيرات ڏئي احسان جتائڻ کان منع فرمايو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُبْطِلُوْا صَدَقٰتِكُمْ بِالْمَنِّ وَالْاَذٰىۙ

**ترجموڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ پنهنجا صدقا (خيرات) ضايع نہ ڪريو ٿورو جتائي ۽ تڪليف ڏئي.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! پنهنجي قريبي رشتيدارن تي احسان جتائڻ بدران رِضاءِ الٰهي جي خاطر زڪوٰة ڏيڻ گهرجي ۽ ممڪن هجي تہ نيڪي جي ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ جي لاءِ ثواب جي نيت سان اوهان جي پنهنجي مسجد پريو تحريڪ دعوتِ اسلامي کي بہ ڏيو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي دعوتِ اسلامي جي تحت هلڻ وارا اهي مدارِسُ المدينہ و جامعاتُ المدينہ دِيني فضليت جي لحاظ سان وڏي اهميت جا حامل آهن، اهو ئي سبب آهي جو انهن مدارِسُ المدينہ ۽ جامعاتُ المدينہ کي قائم

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

رڪڻ جي لاءِ اِنهن جي مختلف اَخراجات جي مَد ۾ سالانو ڪروڙين روپيا خرچ ڪيا ويندا آهن، جنهن جي لاءِ ڪڏهن مدني چينل جي ذريعي به ٽيلي ٿون (يعني مدني عطيات جمع ڪرڻ جي مهم) جي به ترڪيب ٿيندي آهي، تنهنڪري اوهان سان به عرض آهي ته علمِ دين جي طالبن جي دُعائن مان حِصّو ماڻڻ، دعوتِ اسلامي جي ترقّي ۽ بقا ۽ مدارِس المدينه و جامعات المدينه جي نظام کي مضبوط کان مضبوط تَر بڻائڻ جي لاءِزڪوٰة، فطرات، صَدَقات ۽ خَيرات، نفلي عطيات ۽ عُشر وغيره جي ذريعي نه صرف پاڻ تعاوُن ڪيو بلڪ پنهنجي عزيزن، پاڑيسرين ۽ دوست اَحباب تي انفرادي ڪوشش ڪري اُنهن کي به هن جي ترغيب ڏياريو، اسان جي زبان چَورڻ ۽ اسان جي اِنفرادي ڪوشش سان جيڪڏهن ڪنهن جو مدني ذهن بڻجي ويو ۽ اُن پنهنجي زڪوٰة، فطرات، صَدَقات ۽ خَيرات، نفلي عطيات يا عُشر وغيره دعوتِ اسلامي کي مدني ڪمن جي لاءِ ڏني ته اها اسان جي لاءِ به ثوابِ جاريه جو ذريعو بڻجي ويندي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

### معاشري جي بدحالي

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! معاشري جا حالات اسان جي سامهون آهن. مسجدون، ديني مدرسا، اجتماعات ويران يا تمام گهٽ تعداد ۾ نظر اچن ٿا، جڏهن ته گناهن جا اڏا، سينما گهر، ڊراما گاهون، مخلوط تفريحي ۽ تعليمي ادارا ڀريل پيا آهن.

موبائل، انٽرنيٽ، ڪيبل جي غلط استعمال بي حيائي فحاشي ۽ عرياني کي اهڙو پروان چڙهايو ته عورتن جي لباس سنهو ۽ مختصر ٿيندا ويا. ايسيتائين جو لباس ۾ به بي لباس نظر اچي رهيو آهن.

عشق مجازي اهڙو پروان چڙهيو جو پسند جي شادي جي لاءِ چوڪرا

## قارون جي هلاڪت جو سبب

چوڪريون گهرن مان فرار ٿينديون نظر اچي رهيون آهن، صرف اهو ئي نه آه !!! ڪنواري مائرن جي تعداد ۾ به اضافو ٿي رهيو آهي، ڪچري جي ڍير تان نومولود ٻار زنده يا مرده ملندا آهن.

- حرص ۽ هوس جي گنديون سوچيون اهڙيون وڌيون جو گهٽ عمر ٻارڙين سان بدفعلي جا واقعات به ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.
- ننڍن وڏن کي ڪارٽونز، مووِيز ۽ وڊيو گيمز جي ذريعي بي حيائي ۽ تخريب ڪاري کي پروان چڙهايو پيو وڃي.
- ڪجهه سو روپين جو موبائل کسڻ ۽ نه ڏيڻ تي قتل ڪيو ويندو آهي.
- ڪجهه ناخلف اولاديون ماءُ پيءُ جي اڳيان زبان درازي ئي نه بلڪ انهن تي هٿ کڻي انهن کي قتل ڪري ڇڏينديون آهي. آه...آه....آه...!
- اڄ مسلمانن جا اعمال، عقائد، اخلاق ۽ ڪردار کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ جي لاءِ اسلام جي دشمنن ۽ باطل قوتون ڪهڙي سر گرمِ عمل آهن.

اے خاصۂ خاصانِ رسل وقت دعا ہے
امت پہ تیری آ کے عجب وقت پڑا ہے

جو دین بڑی شان نکلا تھا وطن سے
پردیس میں وہ آج غریب الغرباء ہے

وہ دین ہوئی بزم جہاں جس سے فروزاں
اب اسکی مجالس میں نہ بتی نہ دیا ہے

## قارون جي هلاڪت جو سبب

ڈر ہے کہیں یہ نام بھی مٹ جائے نہ آخر
مدت سے اسے دورِ زماں میٹ رہا ہے

فریاد ہے اے کشتیٔ امت کے نگہباں
بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے۔

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اهڙي پر فتن دور ۾ دعوتِ اسلامي 103 شعبہ جات جي ذريعي اصلاح امت ۾ مصروفِ عمل آهي. ان جو مدني ڪم ڪنهن تعريف کان محتاج ناهي، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسطہ ٿي ڪري اڄ تائين لکين اسلامي ڀائر، اسلامي ڀينرن جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي چڪو آهي ان جي مدني بهارون اسان ٻڌندا ئي رهون ٿا. ڪهڙي طرح بدعملي ۽ گناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل ماڻهن کي دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ان دلدل کان ڪڍي ڪري نيڪين جي شاهراه تي گامزن ڪري ڇڏيندو آهي. اوهان جي ترغيب ۽ تحريص جي لاءِ هڪ مدني بهار اوهان جي گوش گذار ڪريان ٿي. جيئن تہ

### انوکي ڪمائي

بنگلاديش جي هڪ اسلامي ڀيڻ جي بيان جو خلاصو آهي تہ مان هڪ عرصي کان پنهنجي خاوند سان ڪويت ۾ رهائش پذير هئس. بدقسمتي سان هتان جي آزادنہ ۽ بيهوده ماحول جا جراثيم مون ۾ بہ سرايت ڪرڻ لڳا ۽ مان مختلف گناهن جي موذي امراض جي شڪار ٿي ويس. خوب سينگار ڪري آزادانہ گهمندي ڦرندي، نوان نوان فيشن اپنائڻ جو ڀوت سوار رهندو هو، جڏهن بہ ڪو نئون فيشن ڏسندي هئس ان کي اپنائڻ منهنجي اولين ترجيحات ۾ شامل هوندو هو، ڳلي ۾ رئو وجهي ڪري گهومڻ ۾ فخر محسوس ڪندي،

## قارون جي هلاڪت جو سبب

پنهنجي خواهشات کي پورو ڪرڻ جي فڪر هر وقت دامن گير رهندي، ظلم تي ظلم اهو هو جو مان مال ڪمائڻ جي لاءِ پنهنجي گهر ئي ۾ نيٽ ڪيفي ڪولي رکيو هو، خاوند ڪم تي ويندو هو، مان گهر تي نيٽ ڪيفي هلائيندي هئس. مال و دولت جي محبت مون کي ايتري قدر انڌو ڪري ڇڏيو هو جو مان نيٽ ڪيفي جي بهاني پنهنجي گهر جا دروازا هر هڪ جي لاءِ کولي رکيا هئا. مان وڏي پر ڪشش انداز ۾ رهندي هئس، هر اچڻ واري نامحرم سان بلا تڪلف اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهائيندي هئس. ڇو ته مان فيشن پرست ۽ بي پرده رهندي هئس. انهي ڪري منهنجي نيٽ ڪيفي تي اجنبي مردن جو رش رهندو هو. مون کي پنهنجي عزت ۽ حيا جي ڪا پرواهه نه هئي. بس مال مال ۽ مال ڪمائڻ جو هر دم خيال هو. منهنجي گهر وارن به مونکي ان ڪم تي ڪڏهن به شرمندو نه ڪيو. مون کي هن ڳالهه جو احساس به نه هو جو مان بي پردگي جهڙو ڪبيره گناهه ڪري پنهنجي آخرت کي برباد ڪري رهي هئس. مون کي ڪڏهن هن ڳالهه جو خيال به نه آيو هو جو هن حال ۾ ئي منهنجو انتقال ٿي وڃي ته منهنجو ڇا ٿيندو. الغرض مان يادِ الٰهي کان غافل پنهنجي زندگي جا انمول لمحا ضائع ڪري هلي رهي هئس. اهو ته الله عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي ۽ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کي سلامت رکي جو جن جي برڪت سان مان بي پردگي ۽ بي حيائي جي باهه کان نڪري ڪري گلشنِ حيا ۾ پهچي ويس، جيئن ته منهنجي زندگي  جي گناهن ڀري رات ۾ هدايت جي روشني ڪجهه ايئن ڦهلي هو هڪ ڏينهن مان حسبِ معمول نيٽ ڪيفي تي سنورجي ويٺي هئس ته هڪ خاتون منهنجي گهر ۾ ان وقت داخل ٿي جڏهن ته ٻيو ڪو به  موجود نه هو، اها خاتون مٿي کان پيرن تائين مدني برقعي ۾ ملبوس هئي، مان انهن کي حيرت جي نگاهن سان ڏسڻ لڳس ته هي باحيا خاتون ڪير آهي. جو پردي جو ايتري قدر اهتمام ڪري رهي آهي، هاڻي مان

## قارون جي هلاڪت جو سبب

انهن خيالات ۾ گم هئس تہ ان جي شفقت ڀري آواز مون کي سوچين کان ٻاهر ڪڍيو اهو ائين جو ان ويجهو ايندي ئي سلام ڪيو، پهرين ئي ملاقات ۾ ايتري قدر اپنائيت ڀريو انداز ڏسي ڪري مان بي حد متاثر ٿئس. مون کي ڪهڙي خبر هئي جو هي اڇڻ واري باحيا اسلامي ڀيڻ مون کي گناهن جي هن جنگل کان ڪڍڻ جو سبب ثابت ٿيندي، دورانِ گفتگو نيڪي جي دعوت پيش ڪندي مون کي بي پردگي جي دلدل کان نڪرڻ جي ترغيب ڏياريندي اها چوڻ لڳي: اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمان آهيون، اسان جو هر ڪم الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي جي لاءِ هجڻ گهرجي، اسان کي هر ان ڪم کان پنهنجو دامن بچائڻ گهرجي جنهن ۾ الله عَزَّوَجَلَّ ناراض ٿئي، منهنجي پياري اسلامي ڀيڻ شريعت ۾ پردي جي وڏي اهميت آهي، الله عَزَّوَجَلَّ مسلمان عورتن کي نامحرم مردن کان پردو ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي، انهيءَ ۾ اسان جي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي آهي. اوهان ٿورو غور تہ فرمايو هتي ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو ايندا هوندا ۽ نہ ڄاڻي اوهان کي ڪهڙين ڪهڙين نظرن سان گهوريندا هوندا. منهنجو مشورو آهي تہ اوهان ان ڪم کي ڇڏي ڪري دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسطہ ٿي وڃون. دورانِ گفتگو ئي انهن ٻڌايو تہ مان اوهان جي قريب ئي فليٽ تي رهندي آهيان. ان جي پر خلوص نيڪي جي دعوت کان مان متاثر ٿيَس پر پنهنجي بري انداز کي نہ ڇڏيو، دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسطہ ان اسلامي ڀيڻ منهنجي فراغت جا اوقات ڄاڻي ورتا ۽ اهڙي وقت ۾ ئي تشريف ڪٽي ايندي جڏهن تہ مان بالڪل اڪيلي هوندي هئس. اها انفرادي ڪوشش جي ذريعي منهنجو مدني ذهن ٺاهيندي، ڪڏهن پنهنجي پير و مرشد امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو تذڪرو ڪندي تہ ڪڏهن دعوتِ اسلامي جي مدني بهارون بيان ڪندي. هڪ ڏينهن اها ئي خير خواهہ اسلامي ڀيڻ مون وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي: تہ منهنجي ٻارن جو ابو ٻاهر ويٺو آهي، ان کي ضروري

ڪال ڪرڻي آهي، مون چيو: ان کي اندر گهرايو، ته چوڻ لڳي: اهو اندر نه ٿو اچي سگهي. مان چيو ڇو! ته ان با پرده اسلامي ڀيڻ چيو: پهرين اوهان پردو ڪريو پوءِ اهو اندر ايندو. مون کي ان ڳالهه تي حيرت سان گڏوگڏ خوشي به ٿي ته هن پرفتن دور ۾ به شرم و حيا جو وصف رکڻ وارا خوش نصيب موجود آهن. مان ڇهري تي ڪپڙو رکي ڇڏيو ته اسلامي ڀيڻ انهن کي اندر اچڻ لاءِ چيو: جيئن ئي دروازو کليو، ان جو خاوند حيا کان نظرون جهڪائي اندر داخل ٿيو، انهن سفيد لباس پائي رکيو هو ۽ مٿي تي سبز سبز عمامو شريف سجايل هو. دعوتِ اسلامي جي مشڪبار مدني ماحول سان وابسطه زال ۽ مڙس جي شرعي حدود جي محافظت ڏسي ڪري مون کي پنهنجي بي باڪي ۽ گناهن ڀري زندگي تي افسوس ٿيڻ لڳو، بي ساخته منهنجيون اکيون پرنم ٿي ويون ۽ منهنجي زبان تي هي الفاظ جاري ٿي ويا: ”هي به ته مسلمان آهن اهو مرد ٿي ڪري به ايتري قدر شرم ۽ حيا وارو آهي ۽ مان آهيان جو بي پردگي جي عظيم گناهه جو ارتڪاب ڪندي ئي هلي رهي آهيان“ ان اسلامي ڀيڻ جي خاوند جيتري دير فون ڪندو رهيو، انهن هڪ ڀيرو به منهنجي طرف نظر کڻي نه ڏٺو. ان جي وجهه کان پوءِ مان هڪ اضطرابي ڪيفيت ۾ مبتلا ٿي ويَس. اڄ پهريون ڀيرو شرم و حيا ۽ اسلامي تعليمات جي عملي تصوير ڏسي ڪري شمعِ فڪرِ آخرت منهنجي دل ۾ روشن ٿي وئي، جنهن جي ڪرڻن سان منهنجي تاريڪ دل جي دنيا روشن ۽ منور ٿيڻ لڳي، مون کي شدت سان پنهنجي گناهن تي نَدامت ٿيڻ لڳي، خوفِ خدا جو ايتري قدر غلبو ٿيو جو ان اسلامي ڀيڻ جي وجهه کان فورًا نيٽ ڪيفي بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي ڪمري ۾ اچي ڪري زور زور سان روئڻ شروع ڪري ڇڏيو، مان پنهنجي زندگي ۾ ايترو ڪڏهن به نه رني هيس، منهنجا لڙڪ هئا جو رڪجڻ جو نالو ئي نه وٺي رهيا هئا ايسيتائين جو ڪافي ڪوڙ ٽشو پيپر منهنجي لڙڪن سان پُسي ويا،

## قارون جي هلاڪت جو سبب

جيئن جيئن منهنجي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا منهنجي دل مان بي پردگي ۽ ٻين گناهن جو مير ڌوپجي رهيو هو.ان ڏينهن اچڻ وارا گيراڪ نيٽ ڪيفي جو دروازو بند ڏسي واپس موٽي ويا. شام جو جڏهن منهنجي ٻارن جو پيءُ گهر آيو ته مون چيو: اڄ مان تمام گهٽا پئسا ڪمايا آهن. انهن چيو ڪٽي اچو مان ٻه ته ڏسان اوهان ڪيترا پئسا ڪمايا اٿو. مان لڙڪن سان پُسيل ٽشو پيپر جي صورت ۾ پنهنجي انوکي ڪمائي ڪٽي ان جي سامهون رکي ڇڏي. اهو هي ڏسي حيرانگي سان چوڻ لڳو: هي ڇا آهي؟ مون انتهائي درد ڀريي انداز ۾ سڄو واقعو ان کي گوش گذار ڪري ڇڏيو. ان تي اهو ٻه زور زور سان روئڻ لڳو. مان پنهنجي خاوند کي چيو: مان نيٽ ڪيفي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪي آهيان. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ ڏينهن مان بي پردگي ۽ ٻين گناهن کان سچي توبهه ڪئي ۽ نيٽ سسٽم کي هميشه جي لاءِ بند ڪري ڇڏيو. ان اسلامي ڀيڻ سان گڏ دعوتِ اسلامي جي تحت ٿيڻ واري هفته وار سنتن ڀريي اجتماع ۾ وڃڻ شروع ڪري ڇڏيو، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ کان بيعت ٿي ويس، مدني برقع پائي ڇڏيو ۽ شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جي عطا ڪرده مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي تحت نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروف ٿي ويس. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تادم تحرير مدني دوره جي ذمه داره جي حيثيت سان مدني ڪمن جي ترقي ۽ عروج جي لاءِ ڪوشان آهيان.

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو
اندھیرا ہی اندھیرا تھا اجالا کر دیا دیکھو

www.dawateislami.net

## دعوتِ اسلامي جا شعبہ جات

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! هن وقت دعوتِ اسلامي 103 ڪان وڌيڪ شعبہ جات ۾ سنتن جي خدمت ڪري رهي آهي مثلاً مساجد جي تعميرات جي لاءِ خدام المساجد، حفظ و ناظره جي تعليم جي لاءِ مدرسة المدينہ بالغان جي تعليمِ قرآن جي لاءِ مدرسة المدينہ برائي بالغان، ديني تعليم و تربيت سان گڏوگڏ مروجہ تعليم جي لاءِ دار المدينہ شرعي رهنمائي جي لاءِ دارُ الافتاء اهلسنت، علماء جي تياري جي لاءِ جامعة المدينہ تربيتِ اِفتاء جي لاءِ تخصص في الفقہ ۽ امت کي پيش ايندڙ جديد مسائل جي حل جي لاءِ مجلسِ تحقيقاتِ شرعيہ، تحريرًا پيغامِ اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي عام ڪرڻ ۽ اصلاحي ڪتب جي فراهمي جي لاءِ مجلس المدينة المدينہ سني مصنفين جي تصانيف و تاليفات کي شرعي اغلاط کان محفوظ رکڻ جي لاءِ مجلسِ تفتيش ڪتب و رسائل، روحاني علاج ۽ سڄي دنيا کان ايندڙ ماهانہ هزارين مڪتوبات ۽ ميلز (Mails) جي جوابات جي لاءِ مڪتوبات و تعويذات عطاريہ مدني پيغام کي دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ پهچائڻ جي لاءِ ٽن زبانن ۾ مدني چينل، اسلامي ڀينرن جي لاءِ ان جي هفتہ وار اجتماعات ۽ ٻيا مدني ڪم، مسلمانن ۾ عمل جو جذبو بيدار ڪرڻ جي لاءِ سُوالات جي صورت ۾ مدني انعامات ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مدني قافلن ۽ هفتہ وار سنتن ڀريي اجتماعات جو مدني جال وڇايو ويو آهي. اسڪولز، ڪالجز ۽ يونيورسٽيز ۾ بہ علم حاصل ڪرڻ وارا طلبہ، گونگن، ٻوڙن نابينن اسلامي ڀائرن ۽ جيلن ۾ قيدين جي اصلاح جي لاءِ بہ مجالس قائم ٿي چڪيون آهن ۽ پوءِ انهن تمام شعبہ جات جي ڪارڪردگي تي نظر رکڻ ۽ سڄي دنيا ۾ سڄي مدني نظام کي احسن طريقي سان هلائڻ جي لاءِ مرڪزي مجلسِ شورٰي قائم ڪئي وئي آهي.

## قارون جي هلاڪت جو سبب

دعوتِ اسلامی کی قیّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دھوم

اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ میری جھولی بھر دے

پياري آقا، ٻنهي عالمن جي داتا، محبوبِ ڪبرياء صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ غيب نشان آهي: آخري زماني ۾ دين جو ڪم ٻه درهم ۽ دينار تي ٿيندو.

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! دعوتِ اسلامي جا مدني ڪم جيترا عام ٿيندا، نيڪي جي دعوت اوتر ئي عام ٿيندي، گناهن جو زور ختم ٿيندو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان شعبه جات کي هلائڻ جي لاءِ اربن روپين جي ضرورت آهي اوهان جيترو دعوتِ اسلامي سان گڏ مالي تعاون فرمائيندؤ اوترو ئي دين متين جي خدمت تي سگهي ٿي اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي هن وقت خدمتِ دين جي ڪم وبيش 103 شعبن ۾ مدني ڪم ڪري رهي آهي، تنهنڪري اوهان نه رڳو پنهنجي زڪوٰة وصدقات بلڪ ٻيا مدني عطيات ٻه دعوتِ اسلامي کي ڏئي دنيا ۽ آخرت جون ڪاميابيون حاصل ڪريو. اچو هڪ نهايت ئي آسان طريقو اوهان جي خدمت ۾ عرض ڪيان ٿو ته جنهن جي ذريعي غريب کان غريب به دعوتِ اسلامي جي مدني عطيات ۾ پنهنجو حصو شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب تي سگهي ٿو، اهو چا آهي، ”مدني عطيات بڪس(Box)“ جي ذريعي مالي تعاون.

### مجلس مَدَني عَطيات بڪس

دعوتِ اسلامي جي شعبي ”**مجلس مدني عطيات بڪس**“ جي طرفان هڪ بڪس جي ترڪيب ڪئي وئي آهي، اهي مدني عطيات بڪس دُڪانن،

## قارون جي هلاڪت جو سبب

ڪارخانن، مارڪيٽن، شاپنگ مالز، ميڊيڪل اسٽورز ۽ دفترن وغيره ۾ رکڻ سان گڏوگڏ گهرن ۾ به رکيو ويندو آهي، ته جيئن اسان پنهنجي آساني کي ڏسندي روزانو ڪجهه نه ڪجهه رقم ان بڪس ۾ وجهندا وڃون ۽ صدقي و خيرات جو ثواب به ڪمائيندا وڃون، جيڪي دُڪاندار آهن اهي سٺين نيتن سان پنهنجي گراهڪن (Customers) تي اِنفرادي ڪوشش ڪري انهن کي به راهه خدا ۾ مال خرچ ڪرڻ جي ترغيب ۽ فضائل ٻڌائي انهن کي به پنهنجو حصو شامل ڪرڻ جي ترڪيب ڪيو ته مدينه مدينه.

مشورةً عرض آهي ته اسان روزانو هڪ رقم خاص ڪيون مثال طور 5 روپيا ئي سهي، پوءِ ان جي مطابق اسان روزانو پنهنجو حصو وجهندا وڃون ۽ مجلس مدني عطيات بڪس جي طئي شده طريقي جي مطابق اهي مدني عطيات جمع به ڪرائي ڇڏيون. جيڪي دُڪانن وغيره تي بڪس رکيا ويندا آهن، هن کي "مدني عطيات بڪس" ۽ جيڪي گهرن ۾ بڪس رکيا ويندا آهن، اُن کي"گهريلو صدقه بڪس" چئبو آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! اچو! هاڻي **زڪوٰة ڏيڻ جون ڪجهه فضيلتون** ۽ فائدا ٻڌون ٿا ۽ ان جي ادئيگي جي نيت به ڪريون ٿا،

### رحمتِ الٰهي جي برسات

زڪوٰة ڏيڻ واري جي لاءِ سڀ کان سعادت هي آهي ته ان تي رحمتِ الٰهي جي ڇما ڇم بارش ٿيندي آهي، جيئن ته سيپاري 9، سُوْرَةُالْاَعْرَاف، آيت نمبر 156 ۾ آهي:

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

وَ رَحۡمَتِیۡ وَسِعَتۡ کُلَّ شَیۡءٍ ؕ فَسَاَکۡتُبُهَا لِلَّذِیۡنَ یَتَّقُوۡنَ وَ یُؤۡتُوۡنَ الزَّکٰوۃَ وَ الَّذِیۡنَ هُمۡ بِاٰیٰتِنَا یُؤۡمِنُوۡنَ ﴿۱۵۶﴾ (پ۹، الاعراف:۱۵۶)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ کان وسيع آهي پوءِ عنقريب مان نعمتون انهن واسطي لکندس، جيڪي ڊڄن ٿا ۽ زڪوٰة ڏين ٿا ۽ اُهي اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا.

جيڪڏهن ڪنهن عقلمند کان پڇيو وڃي تہ سڀ مَخلُوق جون نيڪيون تنهنجي اعمال نامي ۾ لکيون وڃن، تون ڪي هي پسند آهي يا الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ خاص رَحمت تو تي نازل ٿئي؟ تہ هو سڀ مخلوق جون نيڪيون ملڻ تي الله عَزَّوَجَلَّ جي هڪ خاص رَحمت حاصل ٿيڻ کي پسند ڪندو. يقيناً ڪيتري قَدر خُوش بَخت آهن اهي ماڻهو جيڪي هر سال زڪوٰة جي ادائيگي ڪري پاڻ کي الله عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت جو حقدار بڻائيندا آهن.

پياريون اسلامي ڀينرون پر بدقسمتي سان علمِ دين کان دوري هجڻ جي بنا تي اڄ مسلمانن جي هڪ تعداد زڪوٰة جي ادائگي جي درست استعمال کان ناواقف آهي. هر سال لکين روپيہ زڪوٰة ڏيڻ جي باوجود ان جي زڪوٰة ادا ناهي ٿيندي. زڪوٰة ادا نہ ڪرڻ جو گناهہ ان جي مٿان آهي. زڪوٰة ڪنهن کي ڏيڻ گهرجي؟ ڪنهن کي نہ تو ڏئي سگهجي؟ ڪيتري مال تي ڪيتري زڪوٰة آهي؟ هي علم سکڻ ضروري آهي، ان جي لاءِ هڪ پمفلٽ مڪتبة المدينہ جي طرف کان شائع ٿيو آهي ان جو ضرور مطالعو فرمايو.

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان جتي اسان نماز روزو ۽ ٻين فرائض ۽ واجبات عبادت جا احڪامات سکون ٿا ۽ پنهنجي نماز روزو ۽ ٻين عبادت کي ضائع ٿيڻ کان بچايون ٿا اتي زڪوٰة جي حوالي سان احڪامات سکي زڪوٰة جي ضائع ٿيڻ کان بچائيندا آهيون. هي پمفلٽ اڄ

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

جي اجتماع ۾ آخر ۾ تقسيم بہ ڪيو ويندو (مبلغ پمفلٽ جي زيارت ڪرائي)

- زڪوٰة ڏيڻ جي برڪت سان ٻانهو فلاح ۽ نجات پائڻ وارن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويندو آهي، جيئن تہ پاره 18، سورة المومنون، آيت نمبر 4 ۾ ارشاد ٿئي ٿو.

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِلزَّكٰوةِ فٰعِلُوْنَ ۝ (پ18، المومنون:4)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ اهي زڪوٰة ادا ڪندڙ آهن

هن آيت ۾ ڪاميابي پائڻ وارن اهلِ ايمان مانهن جو هڪ وصف بيان ڪيو ويو آهي تہ اهو پابندي سان ڳڏ ۽ هميشہ پنهنجي مالن تي فرض ٿيڻ واري زڪوٰة ڏيندا آهن.

- زڪوٰة جي ادائگي ڪان هڪ فائدو هي حاصل ٿيندو آهي جو غريبن جي ضرورت پوري ٿي ويندي ۽ ان جي دل ۾ خوشي داخل ٿيندي آهي.

- زڪوٰة ڏيڻ جو هڪ فائدو هي بہ هوندو آهي جو مسلمانن جي درميان مضبوط ڀائپي قائم رهندو آهي. جنهن ڪي اسلامي معاشري ڪي فروغ ملندو آهي. مسلمانن ڪي پاڻ ۾ اهڙي طرح شفقت ۽ محبت سان ملي جلي رهڻ گهرجي. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: سڀئي مسلمان هڪ عمارت وانگر آهن جنهنجو هڪ حصوڀئي ڪي طاقت پهچائيندو آهي. (بخاري، ج. 2، ص. 127، حديث 2446) هڪ ٻئي روايت ۾ آهي تہ مسلمانن جي پاڻ ۾ دوستي ۽ رحمت ۽ شفقت جي مثال جسم وانگر آهي، جڏهن جسم جو ڪو عضو بيمار هوندو آهي تہ بخار ۽ بي خوابي ۾ سڄو جسم ان جو شريڪ هوندو آهي. (صحيح مسلم، ص. 1396، حديث 2586)

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

◈ زڪوٰة ڏيڻ واري کي هي فائدو بہ ملندو آهي جو ان جو مال پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن تہ حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان مروي آهي تہ شهنشاهِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: پنهنجي مال جي زڪوٰة ڪيو تہ اها پاڪ ڪرڻ واري آهي توهان کي پاڪ ڪري ڇڏيندي. (مسند امام احمد، ج. 4، ص. 274، حديث 12397)

## ڪتاب”ضياءِ صَدَقات“ ۽ فيضان زڪوٰة جو تعارُف

صدقي ۽ زڪوٰة جي باري ۾ مزيد معلومات جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا شايع ٿيل 2 ڪتاب ”ضياءِ صدقات ۽ فيضانِ زڪوٰة“ جو مطالعو بيحد مُفيد آهي، هن ڪتابن ۾ زڪوٰة سان گڏوگڏ صدقي جا بي شمار فضائل بہ بيان ڪيا ويا آهن هر باب۾ صدقي جي باري ۾مختلف موضوعن تي تفصيل موجود آهي مثال طور صَدَقي جي معنيٰ۽ قسم، فرض زڪوٰة جو بَيان، زڪوٰة ڪنهن کي ڏني وڃي، صلہ رحمي(رِشتي دارن سان حُسنِ سُلوڪ) جون فضيلتون، مال گڏ ڪرڻ ڪيئن آهي؟ بُخل جي مَذَمَّت وغيره وغيره، هن ڪتابن جو مُطالعو ڪرڻ وارن کي معلومات جو وڏو خزانو هٿ ايندو. اِنْ شَآءَاللّٰہ عَزَّوَجَلَّ

تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هَديو ڏئي طَلَب ڪري انهن جو مُطالعو ڪرڻ جي نيت ڪري ونو، هنن ڪتابن کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

پياريون پياريون اسلامي ڀينرون! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽

## قارون جي هلاڪت جو سبب

ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿي، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانى،١/٥٥،حديث:١٧٥)

سینہ تِری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا جنّت میں پڑوسی مجھے تُم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## گهر ۾ اچڻ وڃڻ جون سنتون ۽ آداب

◈ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو:

بِسْمِ اللّٰهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللّٰهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ

ترجمو: **الله** جي نالي سان، مون **الله** تي ڀروسو ڪيو. **الله** کان سواءِ نه (گناهن کان بچڻ جي) قوت آهي ۽ نه (نيڪيون ڪرڻ جي) طاقت آهي. (سنن ابن داود، ج 4 ص 420 حديث 5095) اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندؤ مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ **الله** عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي؟

گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْٓ اَسْاَلُكَ خَيْرَالْمَوْلَجِ وَ خَيْرَالْمَخْرَجِ

بِسْمِ اللّٰهِ وَلَجْنَا وَ بِسْمِ اللّٰهِ خَرَجْنَا وَ عَلَى اللّٰهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا

ترجمو: **الله** عَزَّوَجَلَّ! آئون تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، **الله** عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان اسان (گهر ۾) داخل ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي پالڻهار **الله** عَزَّوَجَلَّ تي اسان ڀروسو ڪيو (اَيضاً۔حديث٥٠٩٦)

www.dawateislami.net

## قارون جي هلاڪت جو سبب

دعا پڙهڻ ڪانپوءِ گهر وارن کي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ ”سوره اِخلاص“ شريف پڙهي. اِنْ شَـآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ روزي ۾ برڪت، ۽ گهرو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو ◈ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ياءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو ◈ بنا اللّٰه (عَزَّ وَجَلَّ) جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسْمِ اللّٰهِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان به اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ◈ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو به نه هجي ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصّٰلِحِيْن (يعني اسان تي ۽ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. (رَدُّالْمُحتارج٩ ص ٦٨٢) يا هن ريت چوي؛ اَلسَّلَامُ عَلَيْکَ اَيُّهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) چوته حضور اقدسصَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. (بهار شريعت حصو 16 ص 96، شرح الشفاء للقاري ج 2 ص 118) ◈ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيْکُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ◈ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي ◈ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو کڙڪائي ته سنت اها آهي ته پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي ته پنهنجو نالو ٻڌائي؛ مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي ”مدينه!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي ◈ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي گهر ۾ نظر نه پوي ◈ ڪنهن جي گهر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ منع آهي. ڪجھ ماڻهن جي گهرن جي سامهون هيٺئين پاسي ٻين جا گهر هوندا آهن تنهنڪري گيلري (بنگلي جي اگڻ )وغيره مان جهاتي پائڻ وقت ان ڳالھ جو خيال رکڻ گهرجي جو ٻين جي گهرن ۾ نظر نه پوي ◈ ڪنهن جي گهر وڃو ته

## قارون جي هلاڪت جو سبب

أتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نہ ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگهي ٿي ◈ واپسيءَ تي گهروارن جي باري ۾ دعا بہ ڪريو ۽ شڪريو بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ۽ ٿي سگهي تہ ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جي شايع ٿيل 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں**اور**آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو.

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي دعوتِ اسلامي جي مهڪي مهڪي مدني ماحول سان وابسطہ ٿي ڪري ان ماحول ۾ استقامت جي دولت سان مالامال فرمائي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net